اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ايمان جي حفاظت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نَماز کان بعد حمد و ثنا ۽ دُرُود شريف پڙهڻ واري کي فرمايائون: دُعا گهر، قبول ڪئي ويندي، سُوال ڪر، ڏنو ويندو . (سنن النسا ئي،ڪتاب السهو،باب التمجيد... الخ،ص ٢٢٠،حديث:١٢٨١)

میری زبان تَر رہے ذِکر و دُرود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان

[1] ... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. انشآءَالله الڪريم!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”عيون الحڪايات“ جو تعارف

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** نيڪ سيرت ماڻهن جي عظمت دل ۾ ويهارڻ، انهن جي سيرت تي هلڻ جو شوق ۽ جذبو وڌائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب ”عيون الحڪايات“ شايع ڪيو آهي جنهن جو مطالعو نهايت مفيد آهي. هن ڪتاب ۾ بزرگانِ دين جي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي ۽ عبادت ۽ رياضت جا نرالا واقعا، دينِ اسلام جي خاطر ڏنيون ويندڙ قربانين جو تذڪرو، شرم ۽ حيا، صدقہ ۽ خيرات مصيبن تي صبر جي حيرت ۾ وجهندڙ حڪايات ۽ ان جي علاوه اهم معلومات تي مشتمل هي ڪتاب اڄ ئي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب فرمائي پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آؤٽ (print out) بہ ڪري سگهجي ٿو. اچو! هن ڪتاب مان هڪ نهايت پياري حڪايت ٻڌون ٿا.

## فرعون جي ڌيءَ جي خادم

منقول آهي تہ هڪ عبادت گذار نيڪ خاتون کي فرعون جي ڌيءَ پنهنجي خادم طور رکيائين، اها نيڪ خاتون پنهنجي حيثيت مطابق ڏينهن رات ان جي خدمت ڪندي رهي، هڪ ڏينهن اها نيڪ عورت فرعون جي ڌيءَ جي مٿي ۾ ڪنگهي (Comb) ڪري رهي هئي تہ ان دوران ان خاتون جي هٿان مان ڪنگهي ڪري پئي، تہ ان نيڪ سيرت عورت جي زبان مان اوچتو ”سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ“ جي صدا بلند ٿي، فرعون جي ڪافره ڌيءَ جڏهن اهو آواز ٻُڌو تہ چيائين: ڇا تو

منهنجي پيءُ فرعون جي ساراهه ڪئي آهي؟ ان مؤمنه جواب ڏنو: نه! بلڪ مون ته ان پاڪ پروردگار جي پاڪي بيان ڪئي آهي جيڪو منهنجو، تنهنجي پيءُ فرعون جو ۽ سموري ڪائنات جو خالق آهي، عبادت جي لائق صرف اها ئي ”وَحۡدَہٗ لاَ شَرِیۡك“ ذات آهي. هن مؤمنه جي ايمان پرور گفتگو ٻُڌي فرعون جي ڌيءُ چيائين: مان تنهنجي باري ۾ پنهنجي والد کي ٻڌائيندس ته تون ان کي خدا نٿي مڃين. عورت چيائين: بيشڪ ٻڌاءِ.

پوءِ ان پنهنجي پيءُ فرعون کي ان عورت جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو، اهو ٻڌي فرعون، نيڪ سيرت مؤمنه کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائين: مون ٻڌو آهي ته تون مون جي علاوه ڪنهن ٻي کي خدا مڃين ٿي، تنهنجي سلامتي هن ۾ آهي ته تون ان نئين مذهب کي ڇڏي منهنجي عبادت ڪر ۽ مون کي ئي خدا مڃ، نه ته توکي دردناڪ سزا ڏني ويندي. عورت چيائين: توکي جيڪو ڪرڻو آهي ڪري وٺ، مان ڪڏهن به ڪفر ڏانهن نه موٽنديس. فرعون جڏهن هن نيڪ سيرت عورت جي ايمان افروز گفتگو ٻُڌي ته گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ ٽامي جي ديڳ ۾ تيل گرم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن تيل گهڻو ٽهڪڻ لڳو ته ان جي ٻار کي ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهي ڇڏيو، ڪجهه ئي دير ۾ ٻار جون هڏيون تيل تي ترڻ لڳيون. ظالم فرعون، عورت کي چيائين: ڇا تون مون کي خدا مڃين ٿي؟ ان چيو: بلڪل نه، منهنجو رب اهو ئي آهي جيڪو تمام جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي. فرعون هڪ هڪ ڪري ان جي تمام ٻارن کي ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهي ڇڏيو پر ان باهمت صابره ۽ شاڪره عورت پنهنجو ايمان نه ڇڏيو.

فرعون جڏهن ڏٺو ته اها عورت ڪفر ڏانهن اچڻ لاءِ تيار نه آهي ته ان ظالم پنهنجن سپاهين (Guards) کي حڪم ڏنو: هن کي به هن جي ٻارن وانگر تيل ۾ وجهو! سپاهي جڏهن ان کي ڪٽي وڃڻ لڳا ته فرعون چيائين: جيڪڏهن تنهنجي ڪا آرزو هجي ته ٻڌاءِ. چيائين: ها!منهنجي هڪ خواهش آهي جيڪڏهن ٿي سگهي ته اهو ڪجان جو جڏهن مون کي تيل جي ٽهڪندڙ ديڳ ۾ وڌو وڃي ۽

منهنجو سمورو گوشت سڙي وڃي تہ ان ديڳ کي شهر جي دروازي تي موڪلجان اتي منهنجي هڪ جهوپڙي آهي ديڳ ان ۾ رکرائي جهوپڙي ڪرائي ڇڏجان تہ جيئن اسان جو گهر ئي اسان جي لاءِ قبرستان بڻجي وڃي. فرعون چيائين: نيڪ آهي، تنهنجي هن خواهش کي پورو ڪرڻ اسان جي ذِمي آهي. پوءِ هن جرئت مند مؤمنہ کي ٽهڪندڙ تيل ۾ وجهي ڇڏيائين ڪجھ ئي دير بعد ان جون هڏيون بہ تيل جي سطح تي ترڻ لڳيون.

رسولِ اَکرم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: شبِ معراج، مون هڪ بهترين خوشبو سونگهي تہ پڇا ڪئي: اي جبريل عَلَيْهِ السَّلَام! اها خوشبو ڪهڙي؟ چيائين: فرعون جي ڌيءَ جي خادمہ ۽ ان جي ٻارن جي خوشبو آهي.
(ڪنزالعمال، ڪتاب الفضائل،باب في فضائل من ليسوا... الخ، جزء١۴، ٧/١٠، حديث:٣٢٨٣۴ ملتقطاً و ملخصاً)(عيون الحڪايات،حصہ دوم،١۴١-١۴٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـہ! **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪيتري پياري حڪايت ٻُڌي اسان! ان مؤمنہ، صابرہ ۽ شاڪرہ عورت جو ڪيترو نہ ايمان پختو هو جو پنهنجي اکين آڏو پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي هڪ هڪ ڪري شهيد ٿيندين ڏٺائين، پر پوءِ بہ ان جي ايمان جي پختگي ۾ ڪا ڪمي نہ آئي، ٻارن سميت پاڻ پنهنجي جان ڏئي ڇڏي پر ايمان جي دولت هٿان نہ وڃڻ ڏني. يقيناً جن کي ايمان جو قدر معلوم هوندو آهي اهي ڪنهن بہ قيمت تي گهڙي ڪن لاءِ بہ ايمان نٿا ڇڏين، انهن کي دِين ۽ ايمان خاطر سر ڪٽائڻ ۾ لذّت محسوس ٿيندي آهي. اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ جان ڏيڻ انهن کي محبوب هوندو آهي، انهن جو ايمان ايترو مضبوط هوندو آهي جو دُنيا جي ڪا طاقتور شيءَ انهن جي دل کي ايمان کان خالي نٿي ڪري سگهي. جڏهن تہ ان نيڪ سيرت ماڻهن تي اللّٰہ پاڪ جي اِنعام ۽ اڪرام جون نوازشون ٿينديون آهن، مرڻ کان بعد بہ انهن جي قبرن مان خوشبوئون اينديون آهن. افسوس!صد افسوس! هن دور ۾ ايمان تي قائم رهڻ گهڻو مشڪل ٿي چڪو آهي ڪجھ نادان ٻاهرين ملڪ (Overseas) وڃي مال دولت ڪمائڻ جي لالچ ۾ پنهنجي ويزا فارم تي پنهنجو پاڻ کي ڪوڙ سوڙ غير

مسلم لکرائيندا آهن ۽ پاڻ کي جهنم جي گهري کڏ ۾ اُڇلائيندا آهن.

شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ ۾ اهڙن ماڻهن بابت حڪم بيان ڪندي لکن ٿا: (ائين ڪرڻ) ڪفر آهي. ڪي ماڻهو جيڪي قرض لاهڻ ۽ تنگدستي کان بچڻ يا دولت جي زيادتي جي لاءِ ڪافرن وٽ نوڪري خاطِر يا ويزا فارم تي يا ڪنهن طرح رقم وغيره جي بچت جي لاءِ درخواست تي پاڻ کي ڪنهن بہ ڪافِر و مُرتد گُروه جو ”فرد“ لکندا يا لکرائيندا آهن انهن تي حڪمِ ڪفر آهي.
(ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، ص۴۵۳)

يااِلٰہی کر ایسی عنایت — دیدے ایمان پر اِستقامت
تجھ سے عطار کی اِلتجاء ہے — یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** دِينِ اسلام نهايت ئي مُعزز ۽ مڪرم مذهب آهي، جن تي الله پاڪ جو فضل ۽ ڪرم ٿيندو آهي انهن کي دنيا ۾ ايمان جي دولت نصيب ٿي ويندي آهي ۽ ايمان تي ثابت قدم رهڻ وارا خوش نصيب بنهي جهانن ۾ سعادت مند ٿيندا آهن. تنهنڪري هن نعمت جي حفاظت ڪرڻ، ان جي قدر و منزلت کي سمجهندي ان تي استقامت سان قائم رهڻ هر مسلمان تي لازمي ۽ ضروري آهي ڇوتہ هڪ مسلمان جي لاءِ دنيا مان رخصت ٿيڻ مهل ايمان تي ثابت قدم رهڻ وڏي اهميت جي ڳالھ آهي، جيڪڏهن ايمان جي حالت تي خاتمو ٿيو تہ قبر ۽ آخرت جون تمام منزلون آسان ٿينديون، ايمان تي مرڻ ئي آخرت ۾ نجات جو سبب (Cause) بڻجي ويندو آهي، دنيا ۾ چاهي جيترا بہ نيڪ عمل ڪيا وڃن پر خاتمو ايمان تي نہ ٿيو تہ ڪو فائدو نہ ٿيندو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيم يعني عملن جو دار و مدار خاتمي تي آهي.
(بخاري، ڪتاب القدر،۴/۲۷۴ حديث:٦٦٠٧)

ايمان جي اهميت ۽ ان جي حفاظت بابت اللّٰه پاڪ سيپاري 24 سوره حٰمٓ السَّجْدَہ آيت نمبر 30 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَیْهِمُ الْمَلٰٓىٕكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِیْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ﴿۳۰﴾ (پ۲۴،حم السجدہ:۳۰)

**ترجموڪنز الايمان:** بيشڪ اهي جن چيو اسان جو رب اللّٰه آهي پوءِ ان تي قائم رهيا انهن تي ملائڪ لهندا آهن هي تہ نہ ڊڄو ۽ نہ غمگين ٿيو ۽ توهان کي خوشخبري هجي جنت جي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ٿي ويو.

تفسير”صراطُ الجِنَان“ ۾ آهي: بيشڪ اهي ماڻهو جن اللّٰه پاڪ جي ربّ هئڻ ۽ ان جي وحدانيت (يعني هڪ هئڻ) جو اِقرار ڪندي چيائون تہ اسان جو ربّ صرف اللّٰه پاڪ آهي، پوءِ اهي هن اقرار ۽ ان جي تقاضن تي ثابت قدم رهيا، انهن تي اللّٰه پاڪ جي طرفان ملائڪ نازل ٿيندا آهن ۽ انهن کي اها بشارت ڏيندي چوندا آهن تہ توهان آخرت ۾ پيش ايندڙ حالات کان ڊپ نہ ڪريو ۽ اهل و عيال وغيره مان جيڪو ڪجهہ پوئتي ڇڏي آيا آهيو ان جو غم نہ ڪريو ۽ ان جنت تي خوش ٿي وڃو جنهن جو توهان سان دنيا ۾ اللّٰه پاڪ جي رسولن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مُقَدّس زبان سان واعدو (Promise) ڪيو ويندو هو.

(روح البيان،پ ۲۴ ،حٰمّ السجدة، تحت الآية: ۸،۳۰/ ۲۵۴-۲۵۵ ملتقطاً)(صراط الجنان،۸/ ۶۳۱)

## دِينِ اسلام تي ثابت قدمي جي ترغيب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو دينِ اسلام تي ثابت قدمي نهايت ضروري آهي، جيڪڏهن خاتمو ايمان تي ٿيو تہ نجات ئي نجات آهي ايستائين جو اسلام تي قائم رهڻ ۽ قرآني احڪامن تي عمل ڪرڻ وارن کي جنت جي بشارت بہ ڏني وئي آهي. اهو ئي نہ بلڪ ايمان جي حالت ۾ دنيا کان وڃڻ جو حڪم بہ

قرآنِ پاڪ ۾ موجود آهي، جيئن سيپارو 4 سوره آلِ عمران آيت نمبر 102 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَ لَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ (پ۴،آلِ عمران:۱۰۲)

**تَرجموڪنز الايمان:** اي اِيمان وارؤ! الله کان ڊِڄو جيئن اُن کان ڊِڄڻ جو حق آهي ۽ اوهان مُسلمان ٿِي ئِي مَرو

بيان ڪيل آيت جي آخري حصي ۾ فرمايو ويو آهي ته اسلام تي ئي توهان کي موت اچي. هن مان مراد هي آهي ته پنهنجي طرفان زندگي جي هر گهڙي ۾ اسلام تي ئي رهڻ جي ڪوشش ڪريو ته جيئن جڏهن توهان کي موت اچي ته اسلام جي حالت تي ئي اچي. (صراط الجنان،۲/۲۰)

حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو ته اسلام تي خاتمي ٿيڻ جو اعتبار آهي جيڪڏهن سڄي عمر مومن رهي، مرڻ وقت ڪافر ٿي وڃي ته اهو اصلي ڪافر وانگر آهي.

اها ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جن جو خاتمو ايمان تي ناهي ٿيندو يعني مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ جيڪي ماڻهو ڪفر جي حالت ۾ هن دنيا مان ويندا، بروزِ قيامت انهن کي سخت تڪليفن ۽ عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو، اهڙا ماڻهو دنيا ۾ الله پاڪ ۽ ان جي ملائڪن جي لعنت جا حقدار هوندا آهن ۽ آخرت ۾ اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم (Hell) هوندو، جيئن سيپارو 2 سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي آيت نمبر 161 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓىٕكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓىٕكَةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ (پ ۲،البقرة،آيت:۱۶۱)

**تَرجموڪنز الايمان:** بيشڪ اُهي جن ڪُفر ڪيو ۽ ڪافِر ٿِي مُئا، اُنهن تي لعنت آهي الله ۽ ملائڪن ۽ مڙنِي ماڻُهن جِي

## بُري خاتمي جو خوف

تفسير”صراطُ الجنان“ ۾ آهي: سڀ کان بدبخت انسان ڪفر تي مرڻ وارو آهي توڙي جو ان جي سڄي زندگي اعليٰ درجي جي عبادت و رياضت ۽ تبليغ و خدمتِ دين ۾ گذري هجي. ڪفر تي مرڻ وارن تي الله پاڪ جي، ملائڪن جي ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. ۽ هن آيت مان معلوم ٿيو ته مرڻ گهڙي ايمان جي دولت کان محروم رهجي وڃڻ سڀ کان وڏي بدبختي آهي ۽ ان وقت ايمان جو سلامت رهڻ تمام وڏي سعادت آهي، تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي ته هو جيتوڻيڪ ڪيترو ئي نيڪ ۽ پارساء عبادت گزار ۽ پرهيزگار ڇو نه هجي پنهنجي بُري خاتمي کان خوفزده رهي. (صراط الجنان،۱/۲۵۸-۲۵۹)

خُدایا بُرے خاتمے سے بچانا پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايمان جي اهميت حديث جي روشني ۾

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آياتِ ڪريمه ۽ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو ته اسان کي پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ هر گهڙي فڪر مند رهڻ گهرجي، نفس ۽ شيطان جي ڌوڪن ۽ وسوسن کان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ياد رهي! جهڙي طرح ايمان تي ثابت قدم رهڻ وارن جي لاءِ قرآنِ پاڪ ۾ جنت جي بشارت بيان ڪئي وئي آهي اهڙي طرح احاديثِ ڪريمه ۾ به نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اِيمان جي اهميت ۽ ان جي حفاظت جي باري ۾ حڪم ارشاد فرمايو آهي. اچو! ترغيب لاءِ ايمان جي سلامتي بابت حديث سڳوريون ٻڌون ٿا. جيئن

## ايمان جي حفاظت جو فڪر

نبي ڪريم، روؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جلد ئي ماڻهن

تي اهڙو زمانو ايندو جو جنهن ۾ گوشہ نشيني (اڪيلائپ) اختيار ڪرڻ ضروري هوندي، ان وقت صرف ان شخص جو دِين سلامت رهندو جيڪو ايمان جي حفاظت جي فڪر ۾ هڪ جبل کان ٻي جبل يا هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه ڀڄندو ڦري، جيئن پکي ۽ لُومڙي پنهنجن ٻارن کي کڻي هڪ هنڌان ٻي هنڌ منتقل ٿيندا رهندا آهن. پوءِ ارشاد فرمايائون: ان زماني ۾ اهو ٻڪرار ڀلائي تي هوندو جيڪو پنهنجي علم مطابق نماز پڙهي، زڪوٰة ادا ڪري ۽ ماڻهن کان الڳ ٿلڳ رهندو. (المطالب العالية،كتاب الفتن،باب جواز الترهيب...الخ، ۵۹۷/۸، حديث:۴۳٦٦ بتغير)

## انسان ان تي اُٿاريو ويندو جنهن تي مرندو

نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: يُبْعَثُ كُلُّ عَبْدٍ عَلَى مَا مَاتَ عَلَيه يعني هر شخص ان حالت تي اُٿاريو ويندو جنهن تي مرندو. (مسلم،كتاب الجنة وصفة نعيمها ...الخ،باب الامربحسن الظن...الخ، ص۱۱٧۸، حديث:۲۸٧۸) حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا: يعني اِعتبار خاتمي جو آهي، جيڪڏهن ڪو ڪفر تي مري تہ ڪفر تي ئي اٿندو توڙي جو زندگي ۾ مومن رهيو هجي، ۽ جيڪڏهن ايمان تي مري ويو تہ ايمان تي اُٿندو توڙي جو زندگي ۾ ڪافر رهيو هجي. (مرآة المناجيح،۱۵۳/٧) علامہ عبدالرءُوف مناوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا:حضرت سيدنا امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديث مان اهو نڪتو ڪڍيو آهي تہ بانسري وڄائڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي بانسري سان گڏ ايندو، شرابي پنهنجي جام سان گڏ، جڏهن تہ مؤذن اذان ڏيندي ايندو. (التيسير،حرف الياء،۲/۵۰٧)

تلیں میرے اعمال میزاں پہ جس دم پڑے اک بھی نیکی نہ کم یاالٰہی
بروزِ قیامت ہو ایسی عنایت رہوں پُل پہ ثابت قدم یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حديث سڳورين مان معلوم ٿيو ته ايمان جي حفاظت ڪرڻ جي معاملي ۾ سُستي نه ڪرڻ گهرجي ۽ هن خوش فهمي ۾ نه رهڻ گهرجي ته اسان ته پيدا ئي مسلمان ٿيا آهيون، اسان جا ماءُ پيءُ، ڏاڏا ڏاڏي، خاندان جا سڀئي ماڻهو مسلمان هئا اسان به مسلمان آهيون ۽ مسلمان ئي مرنداسين. ٿي سگهي ٿو ته سڄي زندگي اسان ايمان تي قائم رهون، سڄي زندگي خوب نيڪيون به ڪندا رهون پر مرڻ کان پهريان خدانخواسته زبان مان ڪو ڪفر نڪري وڃي ۽ ايمان تي خاتمو نصيب نه ٿئي. اسان کي هر وَقت پنهنجي ايمان جي سلامتي جي لاءِ دُعائون ڪرڻ گهرجن ۽ مرڻ مهل ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ گهرجي. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، جنهن کي زندگيءَ ۾ ايمان کسجڻ جو خوف نه هجي سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۴۹۵ بتغيرقليل) پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ اسان جي اڪثريت کي ايمان جي سلامتي جو فڪر ئي ناهي، ها فڪر آهي ته پنهنجي بينڪ بيلنس (Bank Balance) وڌائڻ ۽ هڪ ٻئي کان دُنيوي برتري حاصل ڪرڻ جي. فڪر آهي ته عزّت ۽ شهرت ڪمائڻ جي، حالانڪ اسان مان ڪنهن وٽ اها گارنٽي ناهي ته مرڻ وقت اسان جو ايمان سلامت به رهندو يا نه. مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ گناهن جي نحوست جي سبب اسان جو ايمان برباد ٿي ويو ته ڇا ڪنداسين؟

حضرت سيدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائيندا هئا: خدا جو قسم! ڪو شخص هن ڳالهه تي مطمئن نٿو ٿي سگهي ته مرڻ وقت ان جو ايمان باقي رهندو يا نه! (کیمائے سعادت،پیدا کردن سوء خاتمت،۸۲۵/۲)

ہر دَم اِبلیس پیچھے لگا ہے حفظِ ایمان کی اِلتجاء ہے
ہو کرم امنِ روزِ جزا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: سڪرات جي وقت شيطان پنهنجي چيلن کي مرڻ واري جي مري ويل رشتيدارن مثال طور والدين، ڀيڻ ڀاءُ ۽ دوستن جي شڪلن ۾ وٺي ايندو آهي. شيطان ان کي چوندو آهي اي فلاڻا تون عنقريب مري ويندين جڏهن تہ اسان توکان اڳ موت جو مزو ماڻي چُڪا آهيون تنهنکري تون (اسلام کي ڇڏي) فُلاڻو دِين اِختيار ڪري وٺ اهو دِين الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ مقبول آهي. جيڪڏهن مرڻ وارو ان جي ڳالھ نٿو مڃي تہ ان جا ٻيا چيلا ٻين عزيزن جي رُوپ ۾ اچي چوندا آهن: تُون (اسلام کي ڇڏي) فُلاڻو دين اِختيار ڪري وٺ. ائين اهو ان کي هر دِين جا عقيدا ياد ڏياريندا آهن. تہ ان گهڙي جنهن جي قِسمت ۾ حق کان ڦرڻ لکيل هوندو آهي اهو اُن وقت ڀٽڪي ويندو ۽ باطل مذهب اختيار ڪري ڇڏيندو آهي. ( مجموعة رسائل الامام الغزالي،ص۵۱۱ ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَللّٰھُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّارo

اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرما

یامُجِیْرُ یامُجِیْرُ یامُجِیْرُo

اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا

بِرَحْمَتِكَ یآ اَرْحَمَ الرّٰحِمِیْنَo

پنهنجي رحمت جي سبب اسان تي رحم فرما، اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ٻڌو اوهان تہ موت جو مرحلو ڪيترو قدر دشوار هوندو آهي تہ جڏهن ساهہ ڦاسي رهيو هوندا آهي، هوش ۽ حواس جواب ڏئي رهيا هوندا آهن، اُڃ جي شدت پنهنجي انتها تي هوندي آهي اهڙي ڏکئي حالت ۾ شيطان ملعون پنهنجي اولاد سان گڏجي پنهنجي اصل شڪل ۾ نہ بلڪ عزيزن ۽ دوست ۽ احبابن جي شڪل ۾ اچي پنهنجو نحوستون لٽائيندو، ايمان وارن جي ايمان کان نهايت بُري انداز ۾ ڪيڏندو آهي ۽ ايمان جي دولت کي ضائع ڪرڻ جي لاءِ مختلف طريقا آزمائيندو آهي. اسان جا بُزرگ سڀُورا موت جي وقت ايمان سلامت رهڻ جي باري ۾ گهڻو غمگين (Sad) رهندا هئا، جيئن تہ

حضرتِ سيدُنا منصوربن عمار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن انسان جي موت جو وقت ويجهو ايندو آهي تہ مرڻ واري جي حالت 5 نموني جي هوندي آهي: (۱) مال وارث جي لاءِ (۲) روح ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جي لاءِ (۳) گوشت ڪيڙن جي لاءِ (۴) هڏيون مٽي جي لاءِ ۽ (۵) نيڪيون خُصُوم يعني قيامت جي ڏينهن پنهنجي حق جو مطالبو ڪرڻ وارن جي لاءِ هونديون آهن. مزيد فرمائن ٿا: وارث مال ڪٽي وڃن تہ برداشت ڪري سگهيجي ٿو، اهڙي طرح ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام روح وٺي وڃي تہ بہ درست آهي پر اي ڪاش! موت جي وقت شيطان ايمان نہ ڪٽي وڃي نہ تہ الله پاڪ کان جدائي ٿي ويندي، اسان هن کان الله پاڪ جي پناهہ گهرون ٿا ڇوتہ جيڪڏهن سڀ فِراق (جُدائيون) هڪ پاسي گڏ ٿين ۽ ربّ ڪريم جو فِراق هڪ پاسي هجي تہ اهو سيني فِراقن (جُدائين) کان وڌيڪ ڳرو آهي جنهن کي ڪو برداشت نٿو ڪري سگهي. (حکایتیں اور نصیحتیں،ص۳۷)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** خُدانخواستہ اسان جي بُرن عملن جي ڪري جيڪڏهن مرڻ وقت الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فضل و ڪرم شاملِ حال نہ رهيو، شيطان مردُود غالب اچي ويو ۽ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ايمان برباد ٿي ويو تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ذِلت ۽ رسوائي مقدر ٿي ويندي ۽ مرڻ کان پوءِ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ ۾ وڌو ويندو ۽ جهنم جو عذاب ايترو قدر

شديد هوندو جو اسان جا نازڪ بدن ان ڪي برداشت نہ ڪري سگھندا، اڇو! جهنم جي عذابات جي دردناڪ (Horrible) منظرن ڪي ٻڌون ٿا،

خليفَهءِ اعليٰ حضرت، مولانا مفتي محمدامجدعلي اعظميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جهنَّم جي منظر ڪشي ۽ ان جي عذابن جو تذڪرو ڪندي لکن ٿا: اهو (جهنم) هڪ مڪان آهي جو اُن قهار ۽ جبار جي جلال ۽ قهر جو مظهر آهي. هن ۾ مختلف طبقا، وَادِيون ۽ ڪوهه آهن، بعض وادِيون اهڙيون آهن جو جهنم بہ هر ڏينهن ستّر (70) ڀيرا يا وڌيڪ ڀيرا اُنهن کان پناه گهرندو آهي، لوهه جي اهڙن وزني گُرزن (يعني هٿوڙن) سان ملائڪ ماريندا ۽ جيڪڏهن ڪو گُرز (يعني هٿوڙو) زمين تي رکيو وڃي تہ تمام جنّ ۽ انسان گڏ ٿي ڪري ان کي نٿا کڻي سگهن. بُختي (يعني هڪ قسم جي وڏن) اُٺن جي ڳچي جي برابر وڇون ۽ ايتري قدر وڏا نانگ آهن جو جيڪڏهن هڪ ڀيري ڏنگين تہ ان جي سوزش، درد، ٻي چيني هزار سالن تائين رهي، تيل جي سڙيل تهہ جيان سخت ٿهڪندڙ پاڻي پيئڻ جي لاءِ ڏنو ويندو جيڪو وات جي ويجهو ايندي ئي ان جي تيزي سان چهري جي کل ڪري پوندي. مٿي تي گرم پاڻي وهايو ويندو. جهنمين جي بدن تان جيڪا پونء وهندو اهو پياريو ويندو، هڪ قسم جو خار دار زهريلو وڻ کائڻ جي لاءِ ڏنو ويندو اهو ڳلي ۾ ويندي ئي ڦٽ ٻڌجي ويندو، ان کي هيٺ لاهڻ جي لاءِ پاڻي گهرندا، اُنهن کي اهو ٿهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو جيڪو وات جي ويجهو ايندو تہ سڄي کل ان ۾ ڪري پوندي ۽ پيٽ ۾ ويندي ئي آنڊن کي ٽڪڙ ٽڪڙ ڪري ڇڏيندو ۽ اهو شوربي وانگر وهي ڪري قدمن واري پاسي کان نڪرندو، اُڃ اهڙي تہ سخت هوندي جو پاڻي تي ائين ڪرندا جيئن گهڻا اڃايل اُٺ. (بهارِ شريعت،حصه اول،١٦٣/١تا١٦٨ملتقطا و بتغيرقليل)

گر تِرے پیارے کا جلوہ نہ رہا پیشِ نظر سختیاں نزع کی کیوں کر میں سہوں گا یا ربّ!

قبر میں گر نہ محمد کے نظارے ہوں گے حشر تک کیسے میں پھر تنہا رہوں گا یا ربّ!

نزع کے وقت مجھے جلوۂ محبوب دکھا  تیرا کیا جائے گا میں شاد مروں گا یا ربّ !

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ جنهن بدنصيب جو موت (Death) ايمان جي حالت ۾ نہ ٿيو تہ ان کي جهنم ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ طرح طرح جي عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ جيڪو خوش نصيب ايمان جي سلامتي سان هن دنيا مان رُخصت ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ هو جهنم جي هولناڪ عذابن کان بچي سگهي ٿو. هاڻي اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪريون تہ اسان ڏينهن رات الله پاڪ جي ڪيتري عبادت ڪريون ٿا؟ ان جي احڪامن جي ڪيتري قدر ادائيگي ڪريون ٿا؟ ايمان جي حفاظت جي لاءِ اسان ڪهڙي ڪوشش ڪري رهيا آهيون؟ ظاهري ۽ باطني گناهن کان بچڻ جي لاءِ ڪهڙا طريقا اپٽايا آهن؟ ڇا اسان کي پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ شيطان جي حيلن کان بچڻ جي ضرورت ناهي؟ ڇا اسان کي جهنم جا عذاب ٻڌي انهن کان عبرت حاصل ناهي ٿيندي؟ ڇا اسان ۾ جهنم جي باهہ ۽ ان جي هولناڪ عذاب کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ آهي ؟ هرگز هرگز نہ، اسان جي ڪمزور جسمن ۾ اهي سخت عذاب سهڻ جي همت ناهي، تنهنڪري گناهن تي نادم ٿي هڪدم توبہ ڪرڻ گهرجي ڇوتہ هر گناهہ جهنَّم جو قاصد آهي يعني جهنّم ڏانهن ڪٺي وڃڻ وارو آهي، ياد رکو! گناهہ صغيره يعني ننڍي گناهہ تي بہ جهنّم جو اِستحقاق آهي. روئي روئي پنهنجي گناهن جي معافي گهرو ۽ آئنده گناهن کان پري رهڻ جي ڀرپور ڪوشش بہ ڪريو، پاڻ بہ نيڪ عملن ۾ مشغول رهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت اپٽايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ گهڻيون ڪاميابيون نصيب ٿينديون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بزرگانِ دين ۽ ايمان جو فڪر

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! واقعي خُوش نصيب آهن اهي مسلمان جيڪي سڄي زندگي الله پاڪ جي رِضا وارن ڪمن ۾ مشغول رهيا ۽ مرڻ وقت پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. تنهنڪري نيڪ ۽ بد هر هڪ کي پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ هوشيار رهڻ گهرجي، خاص ڪري جيڪي مسلمان نماز روزن جي پابندي ڪن ٿا، صدقو ۽ خيرات ڪن ٿا، نفلي عبادت ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ مشغول رهن ٿا تہ ڪڏهن ڪڏهن شيطان انهن کي ايمان جي سلامتي کان غافل ڪرڻ جي لاءِ اهڙي نموني ورغلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ تو تہ گهڻا نيڪ عمل ڪري ورتا آهن، هاڻي بس ڪر، تنهنجون اهي نيڪيون توکي بخشرائڻ ۽ توکي جنت جي نعمتن مان لُطف اندوز ٿيڻ جي لاءِ ڪافي آهن، جيڪڏهن ڪڏهن اهڙو خيال ذِهن ۾ اچي تہ ان کي هڪدم ڪڍي ڇڏيو ۽ پنهنجي عبادت تي ڪڏهن ڀروسو (Rely) نہ ڪريو ۽ هن وسوسي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ بزرگانِ دِين جي گريہ و زاري، خوفِ خدا ۽ ايمان جي حفاظت وارن واقعن کي ياد ڪريو تہ اهي حضرات ڏينهن رات عبادت ۽ رياضت ڪرڻ جي باوجود بہ ايمان جي سلامتي جي لاءِ فڪر مند رهندا ها.

حضرت سَيِدُنا حذيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي موت جو وقت جڏهن ويجهو آيو تہ روئي پيا ۽ شديد گهبراهٽ جو اظهار ٿيڻ لڳو. ماڻهن پاڻ کان روئڻ جو سبب پڇيو تہ فرمايائون، مان دنيا ڇڏڻ تي نٿو روئان ، بلڪ موت مون کي محبوب آهي، ها مان ان ڪري روئي رهيو آهيان تہ مان اللّٰہ پاڪ جي رِضا تي دنيا کان وڃي رهيو آهيان يا ناراضي ۾؟ (اسد الغابة،حذيفة بن اليمان،١/٥٧٤)

## ايمان جي حفاظت ۽ اڪيلائي

منقول آهي تہ هڪ شخص سيني کان جدا رهندو هو. حضرت سَيِدُنا ابو دَرداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ ان وٽ اچي جڏهن ان جو سبب معلوم ڪيائين تہ ان چيو: منهنجي

دل ۾ اهو خوف ويهي رهيو آهي ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجو ايمان کسيو وڃي ۽ مون کي ان جي خبر تائين نه پوي. (قُوتُ القُلوب،۳۸۸/۱)

## سڄي رات روئيندا هئا

حضرت سيدُنا يوسُف بن اَسباط رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حضرتِ سيدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ حاضِر ٿيس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سڄي رات روئيندا رهيا. مون پڇا ڪئي: ڇا توهان گُناهن جي خوف کان روئي رهيا آهيو؟ ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڪک کنيو ۽ فرمايائون: گُناه ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ هن ڪک کان به گهٽ حَيثيت رکن ٿا، مون کي ته هن ڳالهه جو خَوف آهي ته ڪٿي ايمان جي دولت نه کسجي وڃي. (منهاج العابدين، العقبة الخامسة، اصول سلوک طريق الخوف والرجاء ،الاصل الثالث،ص١٥٥)

## منهنجو خاتمو ايمان تي ڪر

حضرت امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي انتقال جي وقت جڏهن پاڻ جي صاحبزادي طبيعت معلوم ڪئي ته فرمايائون: هينئر جواب جو وقت نه آهي، بس دعا ڪريو ته الله پاڪ منهنجو خاتمو ايمان تي ڪري ڇوته ابليس لعين پنهنجي مٿي تي مٽي وجهندي مون کي چئي رهيو آهي ته تنهنجو دنيا مان ايمان سلامت کڻي وڃڻ منهنجي لاءِ غم ۽ ڏک جي ڳالهه آهي. ۽ مان ان کي چئي رهيو آهيان ته اڃا نه، جيستائين هڪ به ساهه باقي آهي مان خطري ۾ آهيان، مان (توکان) پُر امن نٿو ٿي سگهان. (تذکرة الاولياء،ذکر امام احمد حنبل،الجزء الاول،ص١٩٩)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته اسان جا بُزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين ڪيتري قدرخوف ۽ ڊپ رکندڙ هئا، انهن جي سڄي زندگي شريعت ۽ سُنّت جي آئينه دار هئي، انهن جو هر هر لمحو يادِ الٰهي ۾ گذرندو هو، اهي حضرات سچا عاشقِ رسول، اعليٰ درجي جا عابد، زاهد، نفس ۽ شيطان جي حيلن کان بخوبي آگاهه هئا پر ان جي باوجود ايمان جي حفاظت جي معاملي ۾ تمام گهڻا حساس هئا ۽ ايمان کسجڻ جي خوف سبب هميشه ڏڪندا رهندا هئا ۽ پياري

آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليمات کي پيشِ نظر رکندي دينِ متين تي ثابت قدمي جا طلب گار رهندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ انبياءِ ڪرام، صحابہ ڪرام ۽ پنهنجن بزرگان دِين جي سيرت تي عمل ڪندي، الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندي ايمان جي حفاظت جو جذبو پنهنجي اندر اُجاگر ڪرڻ گهرجي ۽ نيڪ عملن تي تيار ٿي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بُري خاتمي کان بچڻ جي دعا ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان ضائع ڪرڻ وارا عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان جي حفاظت ڪرڻ الله پاڪ جي فضل وڪرم سان گڏ ٻانهي جي اختيار ۾ بہ هوندو آهي تنهنڪري انسان کي گهرجي تہ هو پنهنجي ايمان جي سلامتي جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪري، گناهن کان بچندي پاڻ کي نيڪين ۾ مشغول رکي. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ دنيا کان وڃڻ مهل اسان جو ايمان سلامت رهي تہ ان جي لاءِ اسان کي انهن سمورن ڪمن کان بچڻو پوندو، جيڪي ايمان ضائع ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن، جن جي ڪري انسان هن عظيم دولت کان محروم ٿي ويندو آهي. اچو! ايمان ضائع(Destroy) ڪرڻ وارن ڪجهہ ڪمن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ۽ گڏوگڏ اها نيت بہ ڪريون ٿا تہ اهڙن بُرن عملن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين جو جن جي ڪري ايمان برباد ٿي سگهي ٿو، الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي.

## (1) بُري صحبت اختيار ڪرڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بُري صُحبت اختيار ڪرڻ ۽ بدمذهبن سان گڏ اٿڻ ويهڻ ايمان جي لاءِ نقصان ڪار ٿي سگهي ٿو. جهڙي طرح شرابين، جوارين ۽ گناهن ۾ ملوث رهڻ وارن سان گڏ اٿڻ ويهڻ هلاڪت جو سبب آهي، اهڙي طرح بدمذهبن سان ميل جول رکڻ، انهن جون تقريرون ٻڌڻ، ڪتاب پڙهڻ،

انهن جا آڊيو (Audio)، ويڊيو (Video) بيان ٻڌڻ يا سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي ٻين کي شئير (Share) ڪرڻ، انهن سان گڏ کائڻ پيئڻ يا رشتيداري قائم ڪرڻ بہ ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل ۽ دنيا ۽ آخرت جي شديد تباهي ۽بربادي جو سبب آهي. تنهنڪري ايمان جي حفاظت جي لاءِ سني صحبت اختيار ڪرڻ، خوفِ خدا رکڻ وارن ماڻهن ۾ اُٿڻ ويهڻ بيحد ضروري آهي. پر افسوس! اسان بُرن دوستن سان گڏ اٿ ويهہ ڪرڻ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏجي گپ شپ ڪرڻ، مذاق مسخري ڪرڻ ۽ غير سنجيده حرڪتن جا عادي بڻجندا پيا وڃون. بُري صحبت جي نُحُوست اسان تي اهڙي ڇائجي وئي آهي جو اسان جو هر هر لمحو يادِ اِلٰهي کان غفلت ۾ گذري رهيو آهي، نمازن ۾ سُستي ٿي ويندي آهي پر اسان کي ان جو ڪو احساس تائين ناهي ٿيندو، هنن فضول ڪچهرين ۾ اسان جا ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ ضائع ٿي ويندا آهن،اسان کي ڪو فڪر ناهي، هنن دوستن سان گڏ فضول ۽ بي حيائي سان ڀرپور گفتگو ڪندي ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ڪفريات تائين بَڪيا ويندا آهن ۽ ايمان برباد ٿي ويندو آهي پر اسان کي هن جي خبر تائين ناهي هوندي. ياد رکو! بُرن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ اسان جي دِين ۽ دنيا جو سَراسَر نُقصان ئي نُقصان آهي ڇوتہ بُري صحبت ڪڏهن تہ انسان جي ايمان کي بہ برباد ڪري وجهندي آهي. عام طور ماڻهو جان ليوا، خوفناڪ ۽ زهريلي جانورن، ڪيڙن ماڪوڙن ۽ وحشت ناڪ شين کان تہ ڊڄن ٿا تہ اهي شيون اسان جي جان کي نقصان پهچائينديون پر اهڙي صحبت (Company) کان نٿا بچن جيڪي اسان جي ايمان کي برباد ڪندي آهي.

مشهور مُفَسّرِ قرآن ، حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: وس آهر بُرِي صحبت کان بچو ڇوتہ اها دِين ۽ دنيا برباد ڪندي آهي ۽ چڱي صحبت اختيار ڪريو ڇوتہ هن سان دِين ۽ دُنيا سنيلجي ويندي آهي. نانگ جي صحبت جان وٺندي آهي، بُري يار جي صحبت ايمان برباد ڪندي آهي. (مرآۃ المناجيح، ٦/٥٩١) بُري صحبت ڪهڙي طرح ايمان کي ضائع ڪندي آهي هن

باري ۾ هڪ عبرت ناڪ حڪايت ٻڌو ۽ بُري صحبت کان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريو،

## بُري صحبت بربادي ايمان جو سبب آهي

حضرت سَيدُنا علامہ محمد بن احمد ذهبي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص شرابين جي صُحبت ۾ ويهندو هو، جڏهن ان جي موت جو وقت ويجهو آيو تہ ڪنهن ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي تہ چوڻ لڳو: توهان بہ پيو ۽ مون کي بہ پياريو. مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ بِغير ڪلِمو پڙهڻ جي مري ويو (جڏهن شرابين جي صُحبت جو هي حال آهي تہ شراب پيئڻ جو ڇا وَبال هوندو!) هڪ شطرنج کيڏندڙ کي مرڻ مهل ڪلِمي شريف جي تلقين ڪئي وئي تہ چوڻ لڳو: شاهَڪ (يعني تنهنجو بادشاه) هي چوڻ کان پوءِ ان جو ساهہ نڪري ويو. (ڪتابُ الڪبائر،ص ۱۰۳ ملخصاً)

مجھے دیدے اِیمان پر اِستِقَامَت پئے سَیِّد مُحتَشَم یااِلٰہی
خُدایا بُرے خاتِمے سے بچانا پڑھوں کَلِمَہ جب نکلے دَم یااِلٰہی
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے پئے تاجدارِ حرم یااِلٰہی
جو ناراض تو ہوگیا تو کہیں کا رہوں گا نہ تیری قسم یااِلٰہی

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجو ذهن ٺاهيو تہ مان چڱن دوستن سان گڏ رهندس، مان انهن سان گڏ رهندس جن جا عقيدا سنا هوندا، مان انهن سان گڏ رهندس جيڪي خوفِ خدا رکڻ وارا آهن، مان انهن سان گڏ رهندس جيڪي جيڪي عاشق رسول آهن، مان انهن سان گڏ رهندس جيڪي فرضن ۽ واجبن سان گڏو گڏ نفل عبادت ڪرڻ وارا آهن، مان انهن سان گڏ رهندس جيڪي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا ۽ برائين کان روڪڻ وارا آهن، مان انهن سان گڏ رهندس جن کي ايمان جي حفاظت جي فڪر رهندي آهي، هي سڀئي خاصيتون ماڻن جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو اِنۡ شَآءَالله

عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيان ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) بِغير علم جي دِيني بحث ڪرڻ

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! ايمان ضايع ٿيڻ جو هڪ سبب بغير علم جي دِيني معاملن ۾ بحث ڪرڻ بہ آهي، جڏهن تہ ديني معاملن ۾ جيڪا ڳالهہ يقيني طور تي معلوم هجي اها ئي بيان ڪرڻ گهرجي، پنهنجي طرفان عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ اِيمانيات جي مُعاملي ۾ گهڻو خطرناڪ هوندو آهي جو ڻابو لڳڻ تي انسان ڪڏهن ڪفريات جي گهري کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي ۽ ان کي هن ڳالهہ جو پتو تائين ناهي پوندو تہ ان جو ايمان برباد ٿي چڪو آهي. اسان جي معاشري ۾ بہ اهڙن ماڻهن جي ڪمي ناهي جن کي دِيني معلومات تمام گهٽ هوندي آهي پر اهڙا فضول (Useless) بحث ڪندا آهن جو جيئڻ انهن وٽ علم جو خزانو موجود هجي، اهڙا چرپ زبان ۽ جاهل ماڻهو پنهنجي زبان مان ڪفريات تائين ڪيي ڇڏيندا آهن.

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسنّت امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاوٰي رضويہ جلد 24 صَفحي 159 کان 160 تي اهڙن جي باري ۾ نقل ڪن ٿا تہ ڪو انسان بدڪاري ۽ چوري ڪري تہ گناهہ هئڻ باوجود ان جي لاءِ اهو عمل ايترو مُهلِڪ (هلاڪ خيز) ۽ تباهہ ڪن ناهي (هوندو) جيترو بِلا تحقيق علمِ الٰهي جي باري ۾ ڪلام ڪرڻ مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ وارو) آهي چوتہ بِلا تحقيق ۽ علم جي پختگي بغير ڪٿي اهو ڪفر جو مُرتڪب ٿي ويندو ۽ ان کي خبر بہ نہ پوندي! هن جو مِثال ائين ئي آهي، جيئن جو ترڻ جي ڄاڻ نہ هئڻ جي باوجود دريا جي لهرن ۽ موجن تي سُوار ٿيڻ، ۽ شيطان جون فريب ڪاريون جيڪي عقائد ۽ مذاهب کان تعلُّق رکن ٿيون اهي ڪا لڪيل ڳالهہ نہ آهي. ۽ الله سب ڪجهہ خوب ڄاڻي ٿو. (الحديقة الندية،٢/٢٧٠)

## (3) زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! زَبان جي حفاظت نہ ڪرڻ بہ بعض اوقات ايمان جي بربادي جو سبب بڻجي ويندو آهي. اڄوڪي دور ۾ اسان جي اڪثرِيت جي حالت اها ٿي وئي آهي جو جيڪو وات ۾ آيو بڪي ڇڏيو، الله پاڪ جي خوشي ۽ ناخوشي جو احساس گهٽ ٿيندو پيو وڃي، اڄڪلهہ نوجوان ڪفريہ شعرن تي مشتمل گانا (Songs) ٻڌي پنهنجي زبان تان جهونگاريندا وتندا آهن، انهيءَ زبان سان جنت دوزخ، ملائڪن ۽ الله پاڪ جي شان ۾ توهين سان ڀريل چٽڪلا ٻڌايا ويندا آهن، انهيءَ زبان مان پنهنجي غريبي ۽ تنگدستي جو شڪوا شڪايت ڪندي ڪي ڪُفريات بڪي ڇڏيندا آهن، انهيءَ زبان مان ڪنهن جوان يا گهر جي واحد ڪفيل جي موت تي الله پاڪ جي ذات تي شڪوه ۽ شڪايتن ڀريا ڪفريات بڪيا ويندا آهن. خدارا! هوش ۾ اچو ۽ پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکندي ان کي فضول بيهوده ۽ ڪفريہ ڳالهين کان بچايو نہ تہ ياد رکو! ڪڏهن اسان جي زبان مان لاعلمي ۾ اهڙا جُملا نڪري سگهن ٿا جيڪي اسان جي ايمان جي بربادي ۽ جهنّم جي حقداري جو سبب ٿي سگهن ٿا. اچو! هن باري ۾ بہ فرمانِ مصطفيٰ ٻڌو ۽ پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريو،

1. ارشاد فرمايائون: انسان پنهنجي ساٿين کي کلائڻ جي لاءِ هڪ جملو اهڙو چوندو آهي پر ان جي سبب اهو ثُرَيا (تاري جي فاصلي) کان بہ پري (جهنم ۾) ڪرندو آهي. (مسند احمد،مسند ابي هريرة،٣/ ٣٦٦، حديث:٩٢٣١)

2. ارشاد فرمايائون: هڪ شخص الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارو جملو چوندو آهي ۽ ان کي اهو خيال بہ ناهي هوندو تہ هي ان کي الله پاڪ جي ناراضي تائين پهچائي ڇڏيندو پر الله پاڪ ان جي ڪري قيامت تائين پنهنجي ناراضي لکي ڇڏيندو آهي۔ (ترمذي،ڪتاب الزهد،باب في قلةالكلام ،٤/ ١٤٣،حديث : ٢٣٢٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سدا کیلئے ہو جا راضی خُدایا ہمیشہ ہو لطف و کرم یاالٰہی

اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِىْ مِنَ النَّارِ

اي الله مون کي (جهنّم جي) باهه کان نجات عطا فرما

يامُجِيْرُ يامُجِيْرُ يامُجِيْرُ

اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا

بِرَحْمَتِكَ يآ اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ

پنهنجي رحمت جي سبب اسان تي رحم فرما، اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) گناهن کان نه بچڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان برباد ٿيڻ جو هڪ سبب ڏينهن رات گناهن ۾ مشغول رهڻ به آهي ته جيڪو انسان ڏينهن رات گناهن ۾ مشغول رهي ٿو ان جي نحوست سان پانهنجو ايمان کي وڃائي ويهي ٿو. علامه اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن باري ۾ فرمائن ٿا ته جهڙي طرح الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪرڻ ۽ ان جو مذاق اُڏائڻ ڪفر آهي ۽ ڪفر جي سزا جهنم جو دائمي دردناڪ عذاب آهي، اهڙي طرح ڪنهن مسلمان جو گناهن تي اِصرار (مسلسل) ڪرڻ به اهڙو عمل آهي جنهن سبب ان جو موت ڪفر جي حالت ۾ ٿي سگهي ٿو. حضرت ابو اسحاق فزاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ”هڪ شخص اڪثر اسان وٽ ويهندو هو ۽ پنهنجو اڌ چهرو لڪائي رکندو هو، هڪ ڏينهن مون ان کي چيو ته تون اسان وٽ گهڻو ويهندو آهين ۽ پنهنجو اڌ چهرو ڍڪي چو رکين ٿو، مون کي ان جو سبب ٻڌاءِ. ان چيو: مان ڪفن چور هئس، هڪ ڏينهن هڪ عورت کي دفن ڪيو ويو ته مان ان جي قبر تي آيس، جڏهن مون ان جي قبر کوٽي ان جي ڪفن کي ڇڪيو ته ان هٿ ڪڍي منهنجي چهري تي چماٽ هڻي

ڪدي. پوءِ ان شخص پنهنجو چهرو ڏيکاريو تہ ان تي 5 اگرين جا نشان هئا. مون ان کي چيو: ان ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟ ان چيو: پوءِ مون ان جو ڪفن ڇڏي ڏنو ۽ قبر بند ڪري ان تي مٽي وڌي ۽ مون دل ۾ پختو ارادو ڪري ورتو تہ جيستائين زنده رهندس ڪنهن جي قبر نہ ڪوٽنندس.

حضرت ابو اسحاق فزاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون اهو واقعو امام اوزاعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي لکي موڪليو تہ انهن مون کي لکيو تہ ان ڪان پڇو: جن مسلمانن جو انتقال ٿيو هو ڇا انهن جو چهرو قبلي ڏانهن هو؟ مون ان جي باري ۾ ان ڪفن چور ڪان پڇيو تہ ان جواب ڏنو ”انهن مان گهڻن ماڻهن جو چهرو (Face) قبلي ڪان ڦريل هو. مون ان جو جواب امام اوزاعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي لکي موڪليو تہ انهن مون کي تحرير موڪلي جنهن تي 3 ڀيرا ”اِنَّالِلّٰه وَاِنَّآ اِلَيه رَاجِعُونۡ“ لکيل هو ۽ گڏ اهو بہ لکيل هو ”جنهن جو چهرو قبلي ڪان ڦريل هو ان جو موت دينِ اسلام تي ناهي ٿيو، توهان الله پاڪ ڪان ان جي عَفو، بخشش ۽ ان جي رضا طلب ڪريو. ( صراط الجنان ،۳/۱۳۷) (روح البيان، الانعام،تحت الآية: ۷۰، ۳/۵۱)

مغفرت کا ہوں تجھ سے سوالی پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل سبب اهي آهن جيڪي بُري خاتمي جو سبب بڻجي سگهن ٿا، ان جي علاوه ايمان ضايع ٿيڻ جا ٻيا ڪوڙ سبب بہ آهن مثال طور نماز ۾ سُستي، شراب نوشي، والدين جي نافرماني، مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. (شرحُ الصّدور،ص ۲۷) تنهنڪري اسان کي پنهنجي ايمان جي سلامتي جي لاءِ هنن تمام سببن ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي چوتہ جيڪي خوش نصيب مسلمان بحالتِ ايمان هن دنيا مان رُخصت ٿيندا آهن الله پاڪ پنهنجي

رحمت سان انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. ايمان تي خاتمي جي لاءِ فرض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ اسان جي بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين مختلف ورد وظيفا بہ ڏنا آهن جيڪو شخص هنن تي عمل ڪندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ موت جي وقت انهن جو ايمان سَلامَت رهندو، اچو! اِيمان تي خَاتمي جا پنج (5) ورد وظيفہ ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## ايمان تي خاتمي جا 5 ورد

هڪ شخص بارگاهِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ۾ حاضِر ٿي ايمان تي خاتِمو بالخير جي لاءِ دعا جو طالِب ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ان جي لاءِ دعاء فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون:

(1) (روزانو) 41 ڀيرا صبح جو يَا حَيّ يَا قَيّوْمُ لَآ اِلٰه اِلَّآ اَنْتَ ـ (اي هميشہ زنده رهڻ وارا! اي هميشہ قائم رهڻ وارا! ڪو معبود ناهي پر تون.) اوّل آخِر دُرُود شريف پڙهي ونو. ( الوظيفة الكريمة ،ص٢١ )

(2) سمهڻ وَقت پنهنجي سيني وردن کان پوءِ سُوره ڪافرون روزانو پڙهي ونو، ان کان پوءِ ڪلام وغيره نہ ڪيو وڃي، ها جيڪڏهن ضَرورت هجي تہ ڳالهائڻ کان پوءِ وري سُوره ڪافرون تلاوت ڪئي وڃي جو خاتِمو انهيءَ تي ٿئي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خاتِمو ايمان تي ٿيندو. ( الوظيفة الكريمة،ص٣٤)

(3) ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي (3) ڀيرا شام هن دُعاء جو وِرد رکو: اَللّٰهُمَّ اِنَّانَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ نُّشْرِكَ بِكَ شَيئًا نَّعلَمُه وَنَستَغْفِرُكَ لِمَا لَانَعْلَمُه ("اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تنهنجي پناهہ گهرون ٿا ان ڳالهہ کان جو ڄاڻي واڻي ڪنهن کي تنهنجو شريڪ ٺهرايون ۽ اسان تو کان ان (شرڪ) جي بخشش گهرون ٿا جنهن کي اسان نہ ٿا ڄاڻيون." (الوظيفة الكريمة ،ص١٧)

(4) تفسيرِ صاوي ۾ آهي: جيڪو حضرتِ سيدُنا خِضرعَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو نالو، ڪنيت، وَلَديت ۽ لقب ياد رکندو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو اِيمان تي خاتمو

ٽيندو. سندن نالو، ڪنيت، ولديت ۽ لقب هي آهي: اَبُوالْعَبَّاس بَلْيا بِنْ مَلْکَانَ الْخِضْر۔ (تَفْسِيرِ صاوي، ٢/١٢٠٧-١٢٠٨،مكتبة رحمانيه)

(5) بِسْمِ اللهِ عَلٰى دِيْنِىْ بِسْمِ اللهِ عَلٰى نَفْسِىْ وَوُلْدِىْ وَ اَهْلِىْ وَمَالِىْ۔ (الله تعاليٰ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد، گهروارن ۽ مال جي حفاظت ٿئي.) صبح ۽ شام 3،3 ڀيرا پڙهي، دين، ايمان، جان، مال، ٻار سڀ محفوظ رهندا. (الوظيفة الكريمة،ص١٧)

دنيا ميں ہر آفت سے بچانا مولیٰ! عقبےٰ میں نہ کچھ رنج دکھانا مولیٰ!
بیٹھوں جو درِ پاکِ پیمبر کے حُضُور ایْمان پر اُس وقت اٹھانا مولیٰ!

مختصر وضاحت: اي ربّ ڪريم! پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري زلفن جو صدقو مون کي دنيا ۾ هر مصيبت کان بچائي رکجان ۽ آخرت ۾ هر غم کان محفوظ رکجان. تنهنجي بارگاهه ۾ هڪ ٻي دعا هي به آهي ته جڏهن مون کي تنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضه اقدس جي حاضري نصيب ٿئي ته ان وقت مان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چانئٺ تي درود ۽ سلام پڙهڻ ۾ مشغول رهان ۽ انهيء حالت ۾ منهنجو روح قبض ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس "براءِ نيو مسلم"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان جي حفاظت جو ذهن ٺاهڻ، دينِ اسلام جو پيغام عام ڪرڻ، ايمان جي دولت تي استقامت، نيڪ ماڻهن جي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي 104 کان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ متين

جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، جنهن مان هڪ شعبو (Department) ”مجلس براءِ نيو مسلم“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مجلس جي ڪوشش سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ دينِ اسلام جو پيغام پهچي چڪو آهي، ڪيئي غير مسلم اسلام جي دولت سان مالا مال ٿي چڪا آهن، هن مجلس تحت نئين مسلمان کي دِيني تعليم سان گڏوگڏ فرض علوم جي باري ۾ بہ مدني تربيت ڏني ويندي آهي. الله پاڪ اسان کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري دينِ متين جي خوب خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں    اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي فضيلتن ۽ ان رات ۾ عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ انعاماتِ خداوندي تمام گهڻا آهن الله عَزَّوَجَلَّ هن رات پنهنجي ٻانهن تي رحمتِ الٰهي جي خوب بارش ڪندو آهي ۽ گناهگارن جي بخشش ۽ مغفرت ڪري انهن کي جهنم کان رهائي عطا ڪندو آهي پر ڪجھ اهڙا بدنصيب بہ آهن جيڪي هن مقدّس رات ۾ بہ بخشش ۽ مغفرت کان محروم رهندا آهن،جيئن تہ

## ملائڪ جهنڊا کڻي لهندا آهن

حضرتِ سيدنا عبدُالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما فرمائن ٿا تہ حضورنبي ڪريم، رءوفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن **شبِ قدر** ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ سائو **جهنڊو** کڻي فرشتن جي تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نُزول فرمائيندا آهن

۽ ان جهنڊي کي ڪعبهٔ معظمه تي ڦڙڪائيندا آهن. حضرتِ جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا سؤ پر آهن جن مان ٻه پر صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوير ۽ اولهه ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ حضرتِ **جبريل** عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندو آهن ته جيڪو به ڪو مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول آهي ان سان **سلام** ۽ **مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ ان جي دعائن تي آمين به چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي. صبح ٿيڻ تي حضرتِ **جبريل** عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي واپسيءَ جو حڪم صادر فرمائيندا آهن. فرشتا عرض ڪندا آهن اي **جبريل** عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **الله** عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي **پياري حبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **امت** جي حاجتن جي باري ۾ ڇا ڪيو؟ حضرتِ **جبريل** عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمائيندا آهن، **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن تي خصوصي ڪرم جي نظر فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ سيني ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو،"يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ ارشاد فرمايائون (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) قطع رِحمي ڪرڻ وارا. (يعني رشتيدارن کان تعلقات توڙڻ وارا) ۽ (4) پاڻ ۾ بغض ۽ ڪِينو رکڻ وارا ." ( شعَبُ الْايمان ، ۳/۳۳۶، حديث:۳۶۹۵)

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ته شراب نوشي ڪرڻ وارا، والدين جي نافرماني ڪرڻ وارا، رشتيدارن سان قطع تعلقي ڪرڻ وارا ۽ پاڻ ۾ بغض ۽ ڪينو رکڻ وارا شبِ قدر جي برڪتن سان محروم رهندا آهن. غور ڪريو ته بيان ڪيل بُرائين مان ڪا برائي اسان ۾ ته موجود ناهي، ڇا اسان پنهنجي والدين جي دل ته نتا ڏکايون؟، يا ڪنهن رشتيدار مثال طور ڀاءُ، ڀيڻ،چاچي، ماسڙ، مامي وغيره سان بلا وجه شرعي اٽبٽت ته ناهي؟ ڇا اسان جي سيني ۾ ڪنهن مسلمان جي لاءِ بغض ۽ ڪينو ته ناهي پريل؟ خدانخواسته جيڪڏهن ڪو هنن گُناهن ۾ گرفتار آهي ته ساهه بعد ۾ ڪٽي پهريان هنن گناهن کان پڪي توبه ڪري ۽ جنهن جنهن جا حق ضايع ڪيا آهن انهن کان معافي گهرڻ

جي نِيت بہ ڪري، نہ تہ ياد رکو! هنن گناهن جو انجام ڏاڍو ڀيانڪ ٿيندو آهي.
ياد رکو! ”**شراب نوشي**“دِين ۽ ايمان، جان ۽ مال ۽ صحت جي لاءِ نهايت خطرناڪ آهي، شراب تمام بُرائين جي جَڙ آهي ڇوتہ شراب جي نشي ۾ انسان بدنگاهي، بدڪاري ۽ مختلف گناهن ۾ مُلوّث ٿي پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪندو آهي.

اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنَ النَّارِo

اي الله مون کي (جهنّم جي) باهہ کان نجات عطا فرما

يامُجِيْرُ يامُجِيْرُ يامُجِيْرُo

اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا، اي نجات ڏيڻ وارا

بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَo

پنهنجي رحمت جي سبب اسان تي رحم فرما، اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** رمضانُ المبارڪ جو مهينو وڏي تيزي سان پنهنجي اختتام ڏانهن جاري وساري آهي، هاڻي ان جون ڪجهہ گهڙيون بچيون آهن، ۽ ان کان پوءِ شوّالُ المڪرم جي آمد آمد آهي .خوش نصيب مسلمان شوال جي مهيني ۾ ڇهہ روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا ۽ ان جون برڪتون ماڻيندا آهن. اچو! اسان بہ شش عيد(شوال المڪرم) جا روزا رکڻ جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ انهن روزن جا فضائل ٻڌون تا تہ جيئن اسان کي بہ اهي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿئي، جيئن تہ

هن باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا .

1. جنهن **رمضان** جا روزا رکيا پوءِ ڇهه ڏينهن شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي. (مجمع الزوائد،کتاب الصيام،باب فيمن صام ...الخ،۳ /۴۲۵،حديث:۵۱۰۲)

2. جنهن **رمضان** جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهه شوال ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا " (مسلم،کتاب الصيام،باب استحباب صوم ...الخ،ص۵۹۲،حديث:۲۷۵۸)

3. ”جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) **ڇهه روزا** رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون. ( ابن ماجه،کتاب الصيام،باب الصيام ستة ايام ...الخ،۲/۳۳۳، حديث:۱۷۱۵)

**خليلِ** ملّت حضرت علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب(Suitable) معلوم ٿئي ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) مطلب تہ **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو **عيد جا ڇهه روزا** رکي سگهو ٿا.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ

- ايمان تي استقامت ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ هڪ مسلمان جي لاءِ نهايت ضروري آهي.
- ايمان کسجڻ جي خوف سبب بزرگانِ دِين گهڻو روئيندا هئا.
- جيڪي ماڻهو پنهنجي ايمان جي حفاظت نٿا ڪن،آخرت ۾ اهي سزا جا حقدار ٿيندا.

- ❖ ايمان ضائع ڪرڻ ۾ گانن باجن ۽ فلمن ڊرامن جي نحوست بہ شامل آهي.
- ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فرض سان گڏوگڏ سُنّتن تي بہ عمل ڪرڻ گهرجي.
- ❖ جن بد نصيب ماڻهن جو خاتمو ڪفر تي ٿيندو اهي قبر ۽ آخرت ۾ عذابن جا مستحق ٿيندا.
- ❖ ايمان ضايع ٿيڻ جو سبب مال و دولت جي حرص (Greed) ۽ ڊگهيون اميدون رکڻ بہ آهي.

الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي ۽ پنهنجي دائمي رضا سان مالا مال فرمائي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچو عشق عطا فرمائي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ وارا اسباب اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## چند رات جي مدني قافلن جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان جومهينو هاڻي ڪجهه ڏينهن جو مهمان رهجي ويو آهي ۽ عنقريب اسان کان رخصت ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عيد الفطر جي آمد آمد ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هرسال ڪثير معتڪفين ۽ بيا عاشقانِ رسول”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش“ جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي چند رات جو مدني قافلن جا مسافر بڻجندا آهن، تنهڪري همت ڪيو ۽ چند رات کان سفر ڪرڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول سان مدني قافلن جي لاءِ هاڻي کان نيت ڪري ونو، پنهنجي ذميدارن سان رابطو ڪيو ۽ مدني قافلن جي لاءِ پنهنجو نالو لکرايو بلڪ ممڪن هجي تہ هٿ و هٿ سفر ڪرڻ جا اخراجات بہ جمع ڪرائي ڇڏيو، الله ڪريم اسان کي چند رات جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جي حفاظت بابت مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي اچو! ايمان جي حفاظت جي باري ۾ ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان هڪ (1)فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو. ارشاد فرمايائون: انهن فتنن کان پهريان نيڪ عملن جي سلسلي ۾ جلدي ڪريو! جيڪي انڌيري رات جي حِصّن جيان هوندا. هڪ انسان صُبح جو مومِن هوندو ۽ شام جو ڪافِر هوندو ۽ شام جو مومِن هوندو ۽ صُبح جو ڪافِر هوندو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي دين کي دُنياوي سازو سامان جي بدلي وڪڻندو. (مُسلِم،حديث:١١٨، ص٧٣) ❖ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جو سڀ کان قيمتي متاع ان جو ايمان آهي. ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان گهڻو وڌيڪ هئڻ گهرجي. (تربيت اولاد ،ص٨٠) ❖ انسان کي وقت بوقت توبہ ۽ تجديدِ ايمان ۽ تجديدِ نڪاح ڪندو رهڻ گهرجي، جيڪڏهن يقيني طور تي ڪفريہ جملو نڪتو تہ اهو فرض آهي نہ تہ مستحب. (ايمان جي حفاظت، ٩) ❖ انسان کي ڪڏهن پاڻ تي يا پنهنجي اطاعت ۽ عملن تي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي هر وقت خدا تي اعتماد ڪري ۽ انهي کان ايمان جي بقا جي دعا گهري. (ايمان جي حفاظت۔ص٢١) ❖ ايمان جي حفاظت جي فڪر ۽ ڪوشش هر مسلمان جي انفرادي ذميداري آهي. (ايمان جي حفاظت،ص١) ❖ جيڪو ايمان کان ڦري يعني مُرتَد ٿي مرندو اهو هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ ۾ رهندو. (ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب،ص٢) ❖ نيڪ عملن تي استقامت جي علاوه

ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن پيرِ ڪامل کان بيعت ٿيڻ بہ آهي. (تربيت اولاد ،ص۸۰) ❖ حج فرض هئڻ جي باوُجُود جنهن ڪوتاهي ڪئي ۽ بغير حج ادا ڪرڻ جي مري ويو تہ ان جو بُرو خاتِمو ٿيڻ جو شديد خطرو آهي. (برے خاتمے کے اسباب،ص۲۰) ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: بُري خاتِمي کان اَمن چاهيو ٿا تہ پنهنجي سڄي زندگي الله پاڪ جي اطاعت ۾ گذاريو ۽ هر هر گناهہ کان بچو.
(احياء العلوم،۴/ ۲۱۹۔۲۲۱ مُلَخصاً دار صادر بيروت) (برے خاتمے کے اسباب،ص۳۰)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں** اور **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد